

ياد اٿيئي؟ بڙوليا ۾ ٿي سيمينار ٿيو هو

وِڄ وارن کي لٽ بٽائي.....
آزاد کوتائون

''صدف''

- ارپڻ -

لرزائي برق منهنجي تصور کي تي چڙي
جنهن وقت يي ڏسان تو تہ منزل قريب آ.
ارجن شاد کي

- ۽ -

چوان تو مان تہ هي تئي چا تو
چوَن تا تنهنجو پرَ وجي چا تو
ارجن حاسد کي

ش. ص

وچ وارن کي لٺ بڻائي

نيون ڪويتائون / بي وزن شاعري

شاعر

''صدف''

پبليڪيشن جو سال:- ۲۰۰۴
پبلشر: صدف پبليڪيشنس
بي- ۳۳ آرام هائوسنگ سوسائٽي
واڪولا ممبئي - ۵۵
(انڊس انڊ فائونڊيشن جي مالي مدد سان ڇپايل).

Vicha Varan khe Lath Banaye

New - Poems / Blank Verse

POET

"SADAF"

Year of Publication:- 2004

Publisher:- **SADAF PUBLICATIONS**
B-33 Aaram Hsg Society
VAKOLA MUMBAI - 400 055

Printed at: **Art SPOT**
212, Allied Industrial Estate
Mahim, Mumbai - 400 016
Phone: 56662806

D.T.P **Shobha R. Lalchandani**

Copies:- 500 Price:- Rs. 50 /-

With INDUS IND FOUNDATION'S FINANCIAL HELP

- پاڻ بابت -

ماڻهوءَ لکڻ ڇو ٿو لڳي - اِهو سوال مون لاءِ ائين آهي جيئن ٻار پنڌ ڪرڻ ڇو ٿو سکي، شخص ڳالهائڻ ڇو ٿو لڳي ڪنهن کي اُڃ ڇو ٿي لڳي لکڻ مون کي حد کان وڌيڪ سِياويڪ لڳو آهي ۽ جتي 'حد کان وڌيڪ' چئون ٿا اُتي ڪي قدر uneasy ته آهيون ئي.

14 ورهين جي ڄمار کان سنڌي ڪتاب پڙهندو اچان. سڀ کان amazing ڪردار مون لاءِ نارائڻ شيام رهيو آهي. منهنجيءَ دل جي جاءِ تي جيڪو پٿر آهي، اُن ور ور هن کي عظيم شاعر مڃيو آهي پوءِ به مان هن کي پنهنجو 'پسنديده شاعر' سڏي ڪونه سگهيو آهيان. اِها 'عظيم' ۽ 'پسنديده' جي وچ ۾ جيڪا وٿي رهي آهي سا مون لاءِ طيءِ نه ٿيندڙ مفاصلي جيان رهي آهي.

ترقي پسندن کي شڪست اڪيلي سَرِ موهن ڪلپنا ڏني پر پوءِ هوءَ اُنهن جدت پسندن جو ڪيڏوٽو بڻجي پيو جن مغربي ادب کي سنڌيءَ ۾ آڻڻ جي فقط ڪوشش ڪئي. اهڙيءَ طرح هِڪ 'Hero in the making' پڇاڙيءَ ۾ 'A non-entity in the offing' طور اُڀري آيو. سوچڻ جهڙي ڳالهه آهي ته پوءِ به هوءَ اُڀري آيو.

منهنجو ڏاڏو ڪافي عجيب ماڻهوءَ هئو. گهٽ ۾ گهٽ هوءَ جنهن زماني جو ماڻهوءَ هئو، اُن اعتبار کان. انگريزيءَ جا

تہ ٽيڪنڪ جا ٻنڌڻ otherwise Talented ماڻھن لاءِ ڇو ھجن ۽ نواڻ يا جدت جو Label لڳائي ھرڪو ڇيڳڙو ڪويتا تي نازل ڇو ٿئي ؟

منھنجون آزاد ڪويتائون منھنجن غزلن جو وستار آھن، ائين تہ آھي ڪونہ. ھا مان شايد اِھو چئي سگھان ٿو تہ منھنجا غزل منھنجين آزاد ڪويتائن جو اِختصار آھن.

علحدگي ۽ تازگيءَ ۾ تفاوت آھي. سمجھون تہ وڏيڪ مزو ماڻيندا سين. تازگي شايد سنڌيءَ جي ڀاڳ ۾ ئي ڪانھي. البت ٿوري علحدگي اختيار ڪرڻ سان ڪي ڏسو تہ ڪٿي وچي پھتا آھن. نئين ڪوتا جي ھلندي آنند ڪيماڻيءَ ’اڪويتا‘ ۽ ’اُلٽ ڪويتا‘ آندي. ڏسون ٿا بيحد ٿورو لکندي پڻ ھوءُ ھريش واسواڻي جي اُپواد سان ٻين مڙني نون ڪوين کان مٿاھون ٿو نظر اچي. اِھو اسان تي ڇڏيل آھي تہ اسين اِن کي پوسٽ ماڊرنزم سڏيون. غزل کي ڪٿو. حاسد فقط ايترو ڪيو جو لفظن جي بدران ’اُچارن‘ وارا قافيہ ڪٺي آيو ۽ ٻين بہ ھڪ ٻن (مبادا سچيت) ڪوشش سان ھوءُ غزل کي نثر جي ويجھو آڻڻ ۾ ڪامياب ويو. اڄ ڏسون ٿا ’غزل‘ ۾ ھن جو مقام ٻين مڙني غزلگو شاعرن کان اُتاھون آھي.

مان ھيءُ سڀ ’پاڻ بابت‘ عنوان سان ڇو ٿو لکان؟ ترقي پسندن سان ٽڪر کائڻ وارا ٿي چڪا.... ھنن کو عظيم ڪم انجام ڪونہ ڏنو. ترقي پسندن مظبوط اِرادن سان ڪمزور

شروعاتي سبق مون هن کان ورتا. هڪ ڀيري شڪايت ڳاڙهن لهجي ۾ ڪجهہ آکيم پي الائي ڪهڙيءَ ڳالهہ تان. چوي ٿو،

"Never Be affraid of earning a bad name

Almost all the good people have done that".

اڄ الائي ڪاٿي آ. مان ڪيس چوڻ ٿو چاهيان:-

"I am affraid of earning a good name

Because none of the genuinly bad people have done that".

مون ٻاويهہ سال لڳاتار ڪونہ لکيو آهي. ها، مون کي لکندي ٻاويهہ سال ٿيا آهن. وچ وچ ۾ پنجن سالن جو وقفو بہ پيرا پئجي ويو آهي. هيءُ جو بيهر موٽيو آهيان اُن لاءِ جوابدار پهرئين ڀيري منهنجو ضدي شاعر هئو. ٻئين ڀيري ڪي پر اُپڪاري نيڪ اِنسان ۽ گهڻگهرا.

مون کي ڪن چيو آهي - ۽ شايد اِها ڏارڻا بہ ٻڌجي چُڪي آهي تہ مان غزل ۾ At Home هجان ٿو پر پوءِ مان ڪوتا ۾ Home less ڪيئن ۽ ڇو آهيان اِن جو ثبوت بہ اڃان سوڌو مليو تہ ناهي. At Home هئڻ جو واسطو جيڪڏهن comfortable هئڻ سان آهي تہ comfort تہ گهر کان ٻاهر بہ بعضي ملي ويو آهي.

1982 ۾ غزل گوئي جي شروعات کان فورا پوءِ مون 1984 ۾ ئي پهرين آزاد ڪوتا لکي هئي. جيڪڏهن مان غلط ناهيان تہ اِن کان پهرين يا تہ 'نئين ڪوتا' هئي يا تہ وري 'آزاد نظم' هئو. آزاد ڪوتا عنوان سان منهنجو مقصد اِهو رهيو

1

جنهن کان ڪنارو ڪري
باقي باچيل زندگي
هلڻ ٿو چاهيان

هاڻ مون لاءِ
فقط اُهو ئي هڪ رستو باچيو آ.

عمارت تعمير ڪئي هئي. اِن ۾ ڪا سُونهن سجاوت به ڪانه هئي پوءِ به ظاهر آهي هوُ اڏيندڙ هئا. موهن ڪلپنا ائنڊ ڪمپني اِن اڏاوت کي ڊاهڻ جو ڪم انجام ڏنو ءِ دُنيا ۾ ڊاهڻ جو ڪوبه ڪمُ، ناهڻ جي ڪنهن به ڪم کان گهٽو سَوَلو هوندو آهي. هنن سَوَلو ڪم ڪيو. پوءِ به مان هنن کان پريان ٿي ڪونه.... سگهيو آهيان ڇو جو ڀئي پاسي اوُندهه ئي اوُندهه آهي.

شايد ائين آهي ته مان هن محل ۾ - واٽي ٿي آهيان. غزل ۽ آزاد ڪويتا. ڪنهن به هڪ وات کي چوُنڊڻ مان فائدو اِهو آهي ته اِن وات جي عادت پوي ٿي ۽ عادت مان فائدو اِهو آهي ته ٿاٻا کائي ڪرڻ جا انديشا گهٽجن ٿا.

ها مون کي به لڳي ٿو ته مان غزل جي وات وٺندُس. مون کي اِختصار وستار جي ڀيٽ ۾ پسند به آهي ۽ منهنجي سڀاءُ سان ٺهڪي به اچي ٿو.

پندرهن سال اڳ ٽين پيڙهيءَ جي جاتل سڃاتل ليکڪ برجموهن مون کي چيو هئو، ”غزل کي نه ڇڏجانءِ.“ ۽ مون کيس چيو هئو، ”غزل مون کي ڪونه ڇڏيندو.“

ش.ص

30-4-04

3

ورهين جا ورهيہ
زهر اوڳارڻ کان پوءِ
هوُ هڪ ڏينهن
اوچتو تڪڪجي پيا

سامهي پٽڻ مهل
دماغ تي زور ڏنائون
تہ، 'هيءُ سڀ ڇو پئي ڪيوسين !'

ڪين پنهنجوُن ڪوششوُن ياد آيوُنْ
پر اُنهن جا سبب ياد ڪونہ آيا

انديشو اِهو آهہ
جڏهن هنن جي سگهہ موٽي ايندي
سبب نہ بہ هوندا
تہ جُڙي پوندا.

2

هِڪ مِڪ ڪري
اوجهل پيون ٿينديون وڃن
اکين کان

جبلن جون اوچايون
ساگر جون گهرايون
پکن پکڙن جون ڪچايون
جيون جون سچايون

ڪڏهن سوچيو نہ هئم
منهنجي لکڻ جي رفتار
ايتري وڌي ويندي.....!

5

نفرت کي
ڪڏهن سانديندو ناهيان مان

هيءُ جو تو
منهنجا اُڪير سان موڪليل ڪتاب
ٽڪار وچان موٽايا آهن
سانديي ڪونه رکندس اِنهن کي

منهنجي گهر پرسان سمنڊ آهي
اُن جي دل ڏاڍي وڏي آهي
اُن ۾ اُڇلائي ايندُس.

4

متگهرن سان ڳڏوڳڏ
مون گهٽگهرن تان به
ميارُون لاهي ڇڏيوُن

ريڇڪ ڪنيو هُئم
ڏسان ته ڪنهن جو حملو
شديد تو هجي

پر هتِ ايترا ته ڪاچيا آهن
هڪ ئي وقت
جو ڇهرا ڍڪاجي ويا آهن
ڪا سُڌ ئي ڪانه پيئي آ.....

7

ڇُرا پُٽين ۾ لٽل ني سونهندا آهن
ها، تصور جي پيدائش هئا
اُهي ڇُرا
جيڪي پنهنجي پُٽيءَ ۾ لٽل ڏيڪاريم
شاعريءَ جي ذريعي

پر، تو تہ حد ڪري ڇڏي
ڇُرا تہ ٺهيو
تُنهنجي تہ پُٽي بہ تصور ڪيل هُئي

6

وٽن جي اِتهاس ۾
اهڙو ڪو مثال آهي ڇا !

ڪڏهن ائين ٿيو آ ڇا
تہ وڻ
ڪنهن هڪ پکيءَ کي
پاڻ تي بوج ڀانئين
ڪيس ڌڪاريندا رهن ؟

تهائين عجيب وري اِهو
تہ جڏهن اُڏامي وڃي
تہ مُدتن تائين
سندس موٽڻ جو اِنتظار ڪن !

9

پنهنجي ڪردار جي نوعيت جو
تون پاڻ اندازو لڳاءِ

مون ڪي فقط ايتري سڌ آ
تہ هيءُ قصو اوندهہ جو آهي
۽ تو اِن ۾ ڏيئا بہ ٻاريا آهن
۽ ڦوُڪوُن بہ ڏنيون آهن.

هيءُ جو تون
مون بابت سوچين ٿو
منهنجي هر گفتي تي ڌيان ڌرين ٿو
منهنجي هر ڪا حرڪت، هرڪو قدم
تو تي اثر انداز ٿئي ٿو

هيءُ جو تون
مون کي سِڌا، اڻ سڌا اِشارا ڪرين ٿو
صفحن جا صفحا ڪارا ڪرين ٿو
تون ڪيئن ٿو چوين
تہ منهنجي ڪا اهميت ناهي !

تون مون سان نفرت ڪري سگهيو آهين
پر مون کي نظرانداز ڪٿي ڪري سگهيو آهين؟

11

هن بي شعوُر ماحول ۾
ڪنهن ڪي وجي ٻڌايان
تہ تون هڪ سپنو هُئينءَ
جنهن کي ڏسندو ئي رهجي ويس

هي پنهنجي ڏنل اِمداد کي
هميشه ياد رکندڙ ماڻهوُ
ڪٿان سمجهي سگهندا
تہ تُنهنجي ياد
هڪ شاعر جو حافظو ڪسي ورتو آهي !

10

هميشه پنهنجي پيش نظر
ڪنهن اڻ ڏٺل منظر کي جاچيندڙ
۽ اُن ۾ پاڻ کي ڳوليندڙ
منهنجو شاعرُ

خاموشيءَ سان ٻڌندو رهيو

تو ڳالهه پئي ڪئي
اُن پس منظر جي
جنهن هن کي نڪاريو آ.

13

چانوَ جي موُن سان ڳالهہ نہ ڪر
چانوَ مون کي
اوُندھہ جو احساس ڪرائيندي آ

مان اُسَ جو قائل آهيان
اُسَ مون کي
تڪليف پئي ڏني آهي
پَرَ اڪيلائيءَ کان بچايو اٿائين

هڪڙو پاڇو
موُن سان گڏوگڏ هلڻ لڳندو آ......

12

توڙي جو منهنجي چهري تي
هڪ زندگيءَ جي مسافري چِٽيل آهي

پر، اڄ
جڏهن موٽي آيو آهيان
سڄِ ماڻهن جي پَرَ ۾ ويهي
سڃاڻيءَ کي محسوس ڪيو اٿم
تہ لڳي پيو ٿو
منهنجي بعدماش دل جي لاءِ
هيءُ عرصو
هڪ پَلَ کان وڌيڪ جو ڪونہ هئو.....

15

ڪيترِيءَ دير ڪان چوان پيو ٿو
’مان ڀانيان ٿو
ڪو تہ آهي جيڪو
دَرَ جي ڀيڪڙ مان ليئا پيو ٿو پائي.

مُون جيان ڪاهل تہ ناهين تُون
ٻتي ٻاري ڏسُ تہ سهين
متان ’صباح‘ نہ هجي!

ڳهڻيءَ دير تائين
ڪُجهہ بہ ڪونہ رهندو آهي

ڪنهن نام نهاد ڪاميابيءَ جي خوشي
يا
ناڪاميابيءَ جو افسوسُ
تُنهنجي نہ هئڻ جو ملالُ
يا
پنهنجي هئڻ جو احساسُ
ڳهڻيءَ دير تائين
ڪُجهہ بہ ڪونہ رهندو آهي.

جنهن کي پنهنجيءَ توفيق جو
توهان پاڻ اندازو ڪرايو
اُن کي چئو ته
’ڪجھہ بہ ناهين تون.....‘

جنهن کي سُٺي پياچري تان هلندي
نچڻ ٻڌائڻ جي وينتي ڪيوَ
اُن کي چئو ته
’ماٺ ڪر، ڪنن جا پردا ٿا ڦاٽن.....‘

ڏاڍا ڪي پورڙا آهيو
جنهن کي پنهنجيءَ
اُڏام واريءَ قوت جو آياس ٿي ويو هجي
اُن کي اُڏامڻ کان ڪيئن روڪيندا !

16

اوهان جوُن اٽڪ ڪوششوُن

او رهبرو، او ليڊرو

اوندهہ تہ لڏي ويئي هن شهر مان

پَرَ هيءُ جو

سوجهرو هتي ٿيندو ئي ناهي !

هيءُ ڪهڙي پهر مان پيا ٿا لنگهوُن !!!

هيءُ عهدناما
هيءُ پرتگيائون
هيءُ مترتا جا انجام
هيءَ سقافت جي ڏي وٽ
هيءُ فنڪارن جا ڳرم ڀاڪُرَ
هيءُ ساروٽيءَ جا شعر
هيءُ هڪٻئي کي پاتل ڀاڪرُن
هيءُ ننگ جون چادرون
هيءُ سنگ جون خواهشون
هيءَ سياسي ڊپلو ميسي
بنام 'بس ڊپلو ميسي'
بنام 'ڪرڪيٽ ڊپلوميسي'
سيڪاجهہ دلپرچڪيندڙ آهي
۽ هي ماحول بہ وڻندڙ آ ڏاڍو
پَرَ توهين نہ ٿا سمجهو ڇا
جيڪي مان ڏسان ٿو، سمجهان ٿو
اسان جي دلين جي درميان
هيءَ جيڪا پُل اڏي اٿوَ
اِتي ڪو وڏو گهوٽالو ٿو ڏسجي
پيرُ رکندي ئي تاختا ٽٽي ٿا پَوَن.....

روشنيءَ تي راڄ ڪندا توهين؟

۽ اُهو فقط اِن ڪري جو
چند ترورا
پنهنجيءَ مرضيءَ سان
توهان جي مُٺين ۾ قيد ٿيا آهن؟

منهنجي صلاح مڃو
کولي مُٺيون
ترت ئي آزاد ڪيو اِهي ترورا
نہ تہ تہ رک ٿي ويندا هٿ توهان جا
صفا رک ٿي ويندا

پنهنجي حئثيت کي سڃاڻو بيوقوفو
هيءُ جن توهان جي مُٺين کي
خود اچي غلامي آڇي آ
هي ودروهي ڪٿي هئا جهڪڻ وارا

توهان جاهلن کي سُڌ پئجي نہ سگهي
سِڄ وٽ بہ
آتم گهاتي دستا هوندا آهن.....

21

خوُن وحشت، ڊپُ، دهشت
ذرا غور ڪر ڇا لڳو پيو آ
هن ٻاهرينءَ دُنيا ۾
۽ هاڻي اڄ تہ توکي
فنڪارن جي اندروُني دُنيا ڏيکاريان
هڪ پرم متر
ڪنهن بہ وضاحت ڪان سواءِ لکي ٿو
’ويڇڙائيءَ ۾ ڪيترن سان
منهنجا ويڇا وڌيا آهن....‘
معنيٰ جيڪي مفاصلا هُجن ئي نہ ٿا
اُهي بہ فنڪار جي سوچ ۾ آهن ئي آهن
بي اعتباريءَ جي
هن مايوس ڪندڙ دوُر ۾
تو هڪ شاعر تي
مهر جي نظر وِڌي آ
ڏٺي تنهنجيَ جوانيءَ
جا سَلا ساوا رکي.....

20

ڪڏهن به ڪين چيو اٿم
ته اِنقلاب جو رُوح آهيان
ڪڏهن به ڪين چيو اٿم
ته مرڻ بعد
زنده جاويد رهندُس

هيءُ جو تون
مون کي ڏسي
ڌرتيءَ ۾ پيهي ٿو وڃين
سِرُ لڪائڻ لئه
ڪا جاءِ ڳوليندو ٿو وتين
هيڏي هيڻ - ڀاونا ڇو؟
مان ته فقط هڪ تبديلي آهيان
۽ تُون
منهنجيءَ آمد کان ڊڄي ويو آهين.

شال جُڳ جُڳ جئين منهنجا لالَ
هيءُ پيپڪيدار انگريزي ٻولي
۽ هيءُ ايمان جا رکوالا
عالمي ٻوليءَ ۾ سڏڪا ڀريندڙ
’وچ وارن‘ جا محتاج
قومي سطح جا مسڪين

هيءُ ڦڙو ڦڙو اڪ ڪي آلو ڪندڙ
ڪن جون جائز شڪايتون
هيءُ سُڪل پٽ تي ترڪندڙ
سوُرمن جي فوج

هڪ آخرين ساهہ کڻندڙ ٻولي
مون ۾ زندگي ڦوُڪي ويئي
هوڏانهن جياپي لاءِ لازمي ٺهرايل ڀاشا
توکي بزدل بڻائي ويئي

شال جُڳ جُڳ جيئين منهنجا لالَ......

22

پرينَ جوُن جو مهينو صفا تو جهڙو
پوُرالو اهڙو جو ٻالهہ ئي ڇڏي ڏي
ڪڏهن ڏينهن سارو جهڙاليون فضائون
ڪڏهن اهڙي اُس جو اُتي ٻاڦ مَنَ مان
ذرا سوچ ڪيترو مناسب آهي
هيءُ مهينو
اسان جي ڳڏجاڻيءَ واسطي
اسان ٻنهي ڪي
پنهنجون پنهنجوُن واڌايوُن
وري اچي ويو جوُن جو مهينو
هن ڀيري پڻ اوَس ڳڏجنداسين
اُس هوندي تہ پيرَ اُگهاڙا ڪري
ميلن جا ميل پنڌ ڪنداسين
جُدائيءَ جا عذاب سارينداسين
۽ جي مينهن هوندو
تہ وسندڙ پاڻيءَ جي مشهابت
اُنهن ڳوڙهن سان ڪنداسين
جيڪي اسين ٻاڙي ڪونہ سگهيا آهيوُن
پرينَ جوُن جو مهينو صفا تو جهڙو.....

25

پنهنجي چادر جي ماپ
پنهنجين نظرن سان وٺڻ بعد
اُگهاڙا پير ڍڪڻ لاءِ
ڪرونڊيرو سمهيو آهيان

۽ تو ڪم ظرف سمجهيو تہ
منهنجو قدُ گهٽجي ويو آهي.

ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو آ ذهن سچو
ڏيان ڪنهن تي ڌري ڪنهن تي ڌريان

جن کي ڇُهي ڪو نہ سگهيس
داخل ٿي ويئون آهن آتما ۾
آڏو اچن ئي نہ ٿيون

جن کي ماڻيم
اڄ سوڏو
گهوُري رهيوُن آهن حقارت سان

هڪڙيون مون ۾ آهن
ڏسڻ ۾ نہ ٿيون اچن
پيوُن جڳ ۾ آهن
۽ جڳ سچو ڏڪاري ٿو

هريش ڪٿي لکيو آهي:-
رستي تي ناڪاميابيون گڏيون
هنن جي شڪل عورتن جهڙي هئي.....

اڄ جنهن صورت ۾
ويهي ڳالهائڻ جي
يعنيِ اسان جي ملڻ جي، ڳڌجڻ جي
ڪابہ اُميد ڪانہ بچي آ

هيءُ مفاصلا ٻٽائي رکڻ جو
ڪهڙو مقصد وڃي بچيو آهي !

26

ٻالڪ سمجهہ ۾ ڪانہ آئي آ

ايتري اوُنچائي تي رهيو آن تون
ايترو اُتاهون
جتان شخص توکي
مٽيءَ ذرو نظر اچي

هيءُ جو مان هر وقتُ
هر گهڙيءَ توکي
نظر آيو آهيان
۽ ڇٺو نظر آيو آهيان
پنهنجي مڪمل قد سان نظر آيو آهيان

اِهو وري ڪيئن !!

سوچيو هئم توکي لکندس
'اڄ تہ ويچا وساري
هکوار وري ساڳيا تي وجوُن'

سوچيو هئم توکي لکندُس
'اڄ تہ تخليقي ڪم ۾ دل لڳايوُن
اسان جي اِن اِرتقا ۾
هڪ مڪمل ڪيتر جي بهبودي آهي.'

بيشمار خطن جو مواد هو موُن وٽ
پَرَ ڳالهہ اِتي ئي رهجي ويئي

اوچتو هڪ ڏهاڙي خبر ملي تہ تون....
۽ اِهو احوال پڻ مليو
تہ ڪالهہ ڏينهن اڳ
تو پڻ ائين ئي سوچڻ شروع ڪيو هئو

تہ ڇا منهنجا سوچيل خَطَ
توکي متاثر ڪندا رهيا هئا ؟

هوڏانهن اُهي خط
جيڪي لکي ڪونہ سگهيُس
اُهي تو تائين پهچي ويا
۽ هتي هيءَ عمارت
جيڪا اڏجي ڪانہ سگهي
اُن ۾ آگ لڳي ويئي آهي.

28

نالو، ذهن تي زور ڏيئي
پوءِ ٻڌائي ٿو سگهين
’ڪٿي رهندو آهين‘ وارو سوال
توکي اڪثر منجهائي ٿو ماري.

پني ٽُڪريءَ تي
سرنامو لکي
کيسي ۾ وجهي ڇڏ

هِڪ ته جتي به ويندين
عزت نصيب ٿيندءِ
ٻيو ته
هر حال ۾
گهر واپس ضرور پهچندين.

31

اڄ تہ هڪ ڪم ڪريون
هن برپٽ مان
پنهنجا عارضي خيما اُکوڙڻ کان پهرين
ڪي ٻوٽا لڳائي وڃون
ڪي ٻج پوکي وڃون

ڪن ڏهاڪن کان پوءِ ئي سهي
هتان جيڪو بہ لنگهندو
سڄي زندگي دُعائون ڪندو.

سماج جي سيوا ؟
ها، مون اڪثر ڪئي آهي

سڀ ڪان ڪمزور طبقي سان
'ڪانئرن' سان
ڳهٽو لڳاءُ رهيو اٿم.

هنن لاءِ ڇا ڪيو اٿم ؟

پيئي هٿ ڇيلهه پٽيان رکي
اکيون پوٽي
هنن کي پُٽي آڇي اٿم.

جن جي دلين ۾
نہ ڪي خؤف هيا
نہ لالچوُن هيون
سيني سان ڦٽائي ويٺا رهيا اُهي
آقائن ڪي آئينو ڏيکاريندا رهيا

جي اڳئين دروازي آڏو
هٿن ۾ ڪارا جهنڊا جهلي بيٺا هئا
تہ 'هيءُ سڀ ناٽڪ بند ڪريو'
اُهي ڪيڏيمهل اندر گهڙي ويا
پٺئين دروازي کان
خبر ئي ڪانہ پيئي !

32

تُنهنجي دُنيا ۾ اچڻ کان
هڪ پل پهرين تائين
مان ڇا هئس ؟
دل جو صاف پَرَ وڏ واتو
اِنصاف جو ڪوڏيو پَرَ هوڏي
هر ڪنهن سان ڦتائي ويٺل
ڪاوڙ سان ڀريل
بدلي جي ڀاونا سان اوت پوت
وساريل، دٻايل، ريٽيل ليکڪن جو عيوضي
'ساهتيہ جو رابن هوڊ'

جڏهن تنهنجي روئڻ جو آواز ٻڌم
تنهنجي آمد کي محسوس ڪيم
تيزيءَ سان ڊُڪندو ڪمري ۾ پهتس
۽ تنهنجي آڏو اچي بيٺس

هڪ پَلَ جي لاءِ
تنهنجو روئڻ ٿماجي ويو
تو مون ڏانهن چتائي نهاريو
تو مون کي
محبت جا هزارين سبق
اُن هڪ نظر ۾ رٽائي ڇڏيا

تنهنجي دُنيا ۾ اچڻ کان
هڪ پل پهرين تائين
مان ڇا هئس !!

پنهنجي پيشانيءَ جي ڪارنهن پڻ
ڪڏهن ڪنهن کي ڏسڻ ۾ آئي آهي؟

اُن لاءِ تہ
آرسيءَ آڏو بيهڻ درڪار آهي

مون ۾ همٿ هئي
مان بيٺس وجي

هوُن اهڙي همٿ
هروُيروُ بہ ضروُري ڪانهي

وقت هر ڪنهن کي آرسي ڏيکاري ڇڏيندو آهي.

اڄ پُراڻن ڪاڳرن تان ڌوڙ ڇنڊيندي
اُنهن ٻن سٽن تي نظر پيئي
تي ڏهاڪا اڳ
جيڪي ٻن پلن ۾ لکيا هئا جي ويون هيون
لڳو، ڪو سُپنو آهي
پيهر ڏسي رهيو آهيان
اک کليل پوڻ جي ڊپ کان
اِهي ورقي لکڻ جي ڪوشش ڪيم
ڪونہ ٿي سگهيو
گهٻرائجي پيهر ٻولڻ لڳس
وري نظر ڪانہ آيون

سوچيندو رهجي ويُس
اِنهن ٻن سٽن ڪي
پنهنجي لکيل پهرئين شعر ڪي
اِن چاتل ساڃاتل روشنيءَ ڪي.....

ماما ڦهرين مون کي سڌ ڪانہ پيئي
شبد جا ياڱا ڪيم تڏهن چاتم
ماما تو ۾ بہ مائروُن آهن
ماما زمانا گذري ويا
مون انگريزي اخبار ڪانہ پڙهي آ
ماما شهر جو حال احوال ٻڌاءِ
ماما سڻن ماڻهن کي دعا سلام ڏجانءِ
ماما منهنجو نانو ياد اچيئي ؟
چوندو هئو
'جيڪي رَت جا ڪونہ ٿيا،

جڳ جا ڪتان ٿيندا.'

ماما منهنجي سؤٽ کي پئسن جي چڪ آهي
چوي ٿو، 'فلئٽ ڦٻايان پوءِ وڪڻي ڇڏيان.'
ٻاچي ٿو، 'پيءُ کان ڪيئن جند ڇڏايان؟'
ماما منهنجو نانو
منهنجي چاچي جي ويس ۾ واپس اچي ويو
ماما فلئٽ تہ مون کي بہ ڦٻائڻو آهي
چا ڪريان ؟ پاءُ پاچائيءَ کي هڪالي ڪيان ؟

ماما هل تہ مندر هلون
چڱن ڏينهن کان پڳوان
اسان جو درشن ڪونہ ڪيو آهي

ماما موُن کي ننڊ نہ ٿي اچي
مون کي لولي ڏيئي سمهاري ڇڏ.

- شاعر جي بايو ڊيٽا -

نالو : فقط نالي خاطر !

آڪه: تصديق لاءِ ترسيل (پرڪاش - شرما - صدف)

آيوُ:- لڳ ڀڳ.....

تعليم: 640 ادبي ڪتاب پڙهيل

تربيت: عروض جا سبق بر زبان

قابليت: ڳالهائي تہ ڪي ڪاوڙجي وڃن.

ڪمزوري: هڪ هجي تہ ٻڌائجي ڪٽي

پيشو: ماضيءَ جوُن اُڳڪٽيوُن

پسنديده ليکڪ:- ل....! ي....!ڪ....!ڪ....؟؟

موجوده آمدني:- ٻڌن ڪن گاريون - روزانو

پسنديده چيز:- سگريٽ جي پئڪيٽ ۾ پيڙين جو بنڊلُ

سڀ کان وڌيڪ ناپسند:- جاڳائڻ وارا گھنٽي

بهترين شعر:- (مون ڪونہ لکيو آهي)

ڪنهن بہ مقصد ۾ قيد ناهہ حيات

ڪيڏو آزادگيءَ سان پيار اٿم !

پنهنجي پيءُ جي
اهنسڪ هتيا ڪرڻ ڪان پوءِ
هوُ متو ڪوُڙائي ويهي رهيو
پورا ڇهہ مهينا ماتم ڪيائين

دؤلت جي خاطر
غير جاتيءَ ۾ شادي ڪرڻ ڪان پوءِ
هوُءَ پتيءَ جي بدران
پئسن کي چنبڙي پيئي
هوُءَ ڏاڍي اشراف مائي آهي

ڪُجهہ بہ ڪري ڪونہ سگهيس
فقط شاعَري ڪيم
اُج کي تسڪين ڏيندو رهيس
بک کي نظر انداز ڪندو رهيس
مان ڏاڍو ڪريل ماٺهوُ آهيان.

38

مون ڪڏهن دير نہ ڪئي
وقت سِر اچي بيٺس
جڏهن جڏهن سڏ پيئي
توهان مون تي خندو ڪرڻ لاءِ
وقت ڪيي ورتو آهي
ويل وڃائڻ ڪان سواءِ
اِهو ذمو پاڻ تي ڪٽي ورتم
تہ جڳ سامهون هجي
سڀ سڃاڻڻ ۾ اچن
۽ اهڙي وقت ۾
توهين وڏا ٺهڪ ڏيئي
مون تي کلي سگهو

۽ توهين....
توهين وقت تي ڪڏهن ڪين پهتا
دُک ۽ غميءَ ۾ بہ نہ.

چڻيءَ طرح ياد اٿم
منهنجو احساس مري ويو هئو
تنهن کي زمانا نبري ويا هئا
اوچتو هڪ ڏينهن
توهين اعزا پرسيءَ لاءِ اچي پهتا

۽ مونُ کي نئينءَ سنئينءَ روئڻو پيو هئو.....

جنهن جي مؤت جو ڪارڻُ
حسد جي باھہ ٻٽي هوُندي
اُن بد بخت پوئين گهڙيءَ ۾
زندگيءَ ڪي ڏوراپو ڏنو هوندو

”تون منهنجي اندازي کان
ايتري گهٽ ڇو نڪتينءِ
ڪم ظرف.....“

اڄ هوُ هليو ويو آ
ڇڏيو ڇرئي جون ڳالهيوُن
پوريءَ طرح نڪتل هو نيات کان
سيني سان ويڙ پاليائين
پر هٿيلو ڪيڏو !
موٗت جي ڳالهہ نڪري
تہ چوندو هئو:-
’شاعر هجون يا واپاري
بلرام هجون يا ڏنيرام
هلٽو تہ آهي ئي.‘
جيڪي سٽائيءَ جي بوج سبب
ٽٽي چڪا هئا
ڪپائي ويٺا ها، نڪ، ڪن، اکيوُن
اُنهن کي چوندو هئو:-
’ڪنڌ ڪپائي ڇڏيو ها
تہ بهتر هئو سائين.‘
اڄ هو هليو ويو آ
ڇڏيو ڇرئي جون ڳالهيوُن
اڇو تہ ڪا جهمر هٽون
ڪا ڇيڄ وجهون
منهنجا سٽا سباجها سائين
پنهنجي ’اچان هئڻ‘ تي
ڪي وڏا وڏا ٺهڪ ڏيوُن......

توراڻتو آهيان، تو
جنهن جو ساٿ سرهاڻ ڀاسيو آ مفڪرن کي
منهنجي اڻ ڇاڻائي جي ڏپ به برداشت ڪئي آ
ياد اٿيئي
'بزدليءَ' تي سيمينار ٿيو هئو

وچ وارن کي لٽ ٻڌائي
اسين اپنگ به هلي ڦهتاسي ڀهاڙ تي
وڏا وڏا ٺهڪ ڏيئي پيئندا هئاسي
جگياسا وچان ڏسندا هئاسي
هڪ شاعر کي
ڳهٽا نپونسڪ ورائي ويا هئا

مون کي هميشه اعتراف رهيو آ
مان اوندهه جو ڪکيل
سماجهي ڪونه سگهيو آهيان
تنهنجوُن پرنور ڪويتائون

توکي پنهنجپائي وچان خرچيوُن ڏنيون جن

مون کي يوُنيدا به ناهن ڏنا ڪڏهن اُنهن
پنهنجپائي وچان
(سنڌيت کي ويڄهو ڪيئن اچان)

مان توسان هم قدم ٿي نه سگهيس

وقت سان ڪٿان ٿيندس

مان تہ پائڙا ازل کان قائل هان
تنهنجي شيتل سياءِ، نهتائي
۽ عظيم ساهتڪ سوچ جو
ونءُ ويندو آهيان اِنڪري
ڪيئن آڏو اچانءِ
پنهنجي بڪ، حَوَس، هٺ وڏائي، جهالت
ڪاجهہ بہ تہ لڪائي نہ ٿو سگهان
ڪيرُ هو جيڪو پنهنجي ذات ۾ تنها نہ هو
پر تنهنجي تنهائيءَ کي
ملاکڙي ۾ رليز ڪيو ويو
پرماڻ اِهو ئي سڀ کان وڏو آ
اُن اهميت جو
جنهن جو حامل آهين تون،

مان فقط شاخص آهيان
شاخصيت ڪڏهن بہ بڻجي ڪو نہ سگهندُس
اِن ڪري سنڌي شاخصيتن جي فوٽن ۾
تون پاڻ کي ڳولجانءِ
مان اُنهن ۾ نظر ڪو نہ ايندوسانءِ

سارَ ئي جئاريو آ موُن کي

ڪيتريون شامون
وسڪيءَ سان گڏ گذاريوسين

بيشمار ڀولين جي
بيشمار اخبارُن ۾
تنهنجو يوگدان سرخي بڻيو آ
غلط سببن کي کڻي به
ڪڏهن جي منهنجو ذڪر ڪن ها
ته ڇتاپيتيءَ جهڙو ڪجهه
بڻائي ڇڏيون ها
پر، هاڻ.....

مان ته پائڙا ازل کان قائل هان
تنهنجي شيتل سياءُ، نهٽائي
۽ عظيم ساهتڪ سوچ جو
ونءُ ويندو آهيان اِن ڪري
ڪيئن آڏو اچانءِ

پنهنجي بک، حوَس، هٺ وڏائي، جهالت
ڪجهه به ته لڪائي نه ٿو سگهان

ڪي قدر حيرت ورائي ويئي اٿم البت
ويڇڙائيءَ ۾
تنهنجي آئيني تي نظر پيئي
چير پيل ها اِن ۾، ڏوُڙ ڇميل هئي
توکي صفا منهن نه ٿي ڏنائين
۽ مان سوچڻ لڳس
تنهنجو آئينو
منهنجي آئيني کان
ڪيترو متاثر آهي!

توڻ ئي تہ وقت آهين
اِن خاليپڻي سبب
واچ بہ ڪانہ پاتي اٿم ننڍپڻ کان
هوڏانهن تنهنجي ڪوتائن کي
حسن ۾ ورهايو ويو
هيڏانهن منهنجا اڪيچار ورهايل حصا
هڪ ڪويتا بہ ڪونہ بڻجي سگهيا آهن
هوڏانهن تنهنجي ڪويتائن جي
دنيا کي ضرورت آهي
هيڏانهن منهنجي ضرورت تي ڪمل ڪائي بہ
مون کي ڪوي ڪونہ مڃيو اٿائون
تنهنجي ازحد جديد سوچ
توکي پرانتڪ دوست ڏنا
جن توکي انتر راشٽريہ بڻائي ڇڏيو
هيڏانهن مان پنهنجي پرانت ۾
دشمن بہ پيدا ڪونہ ڪري سگهيو آهيان
تو وٽ اُها جان ليوا طنز
جنهن تنهنجي قلم جي ڌار کي
تلوار جي نوڪ بڻائي ڇڏيو
مان پوري طرح ڪسجي وڃڻ بعد بہ
قائم رهيو آهيان
پنهنجي غليظ هٺ تي.

عروُض جا چار سبق پڙهي
مون خود کي شاعر ڄاتو
تو جهڙي ڀوڳنا ۽ کي ڏسي
مان واپس سماجتا جي ماڳ وريُس

تو ۽ تنهنجي سنويدن شيل دوستن
غير حساس سنڌيءَ جي اندر
ورهاڱي جو درد اُڀاريو
۽ منهنجي پيدا ڪيل مصنوعي ٿڪڙن
اِن درد جا ورهاڱا ڪري ڇڏيا

جيستائين توکي ڏٺو نہ هئم
ڏاڍو فخر هئم پنهنجي مرڪ تي
اِن ۾ سمايل طنز تي
سوچيندو هئس،
”مون وٽ پولڙيا ڇو ناهن
جيڪي اِن کي گهاتڪ سڏين“

هاڻ سڌ پيئي اٿم
تہ ڪنهن جي مرڪ گهاتڪ ڇو سڏائيندي آهي!
منهنجا سنودين شيل ياٿڙا

منهنجا سنويدن شيل پائڙا
لاڳاپا، دوستيون
برابريءَ وارن ۾ ٿيندا آهن
مون سان ويڌن اِها
نہ مون پيو نہ ٿيو
ڪنهن جي ’هنڌ‘ کي بہ محسوس ڪونہ ڪيو آهي
۽ تو اُهي حساس پاٽڪائون پيدا ڪيون
جن تنهنجي رچنائن سان
پوليءَ جي ’هنڌ‘ کي جوڙي ڇڏيو آهي

تون جڏهن جڏهن ميدان تي هئين
جيت ئي جيت تنهنجو مقدر هئي
۽ مون تہ اُهي بازيون بہ هارايون
جيڪي مان کيڏيو بہ ڪونہ هئس
تنهنجون رچنائون ڪڏهن هار ڪين ٻٽيون
۽ منهنجي ڪوي ٻٽجڻ جو سبب ئي
قدم قدم تي مليل هارَ آهي.

هتي جيڪو ڪُجهہ بہ سنجيدو ٿيو
اُهو تنهنجو ڪيل هئو
هتي جيڪو ڪجهہ بہ
هلڪڙائي هلڪٽپڻي ڏانهن مائل هئو
سڀي منهنجي ڪارگذاري هئي.

منهنجا مانءَ وارا لوڪپريہ پائڙا
ڪٿي وڃي پهتو آ ناموس تنهنجو
توکي بہ سڌ ناهي

ڪن جي دلين ۾
تو لاءِ عزت اڃا بہ وڌي ويئي
تنهنجي حياتيءَ جو احوال پڙهڻ کانپوءِ
۽ منهنجي حياتيءَ جي ڪهاڻي !!
هڪ چوٿائي حصو بہ جڏهن اُن جو بيان ڪيم
ماضيءَ جا فرشتہ صفت ڪردار
نوان خط و خال کڻي
هتن ۾ پٿرن سوڌا جاڳي اُٿيا
هڪ آخرين ساهہ کڻندڙ پوليءَ جي
دردناڪ تصوير ٿاهي
تو ڏسندڙن کي روئاري ڇڏيو آهي
هيڏانهن مان اوچنگارون ڏيئي رُنو آهيان
پوءِ بہ ذهانت جا ڌڻي کلندا ئي رهيا آهن
اسان وٽ ڌارين کي ڏيکارڻ جهڙو
ڪجهہ بہ تہ ڪونہ هئو

لاڳاپا دوستيون

برابريءَ وارن ۾ ٿيندا آهن
تنهنجي عدوات به جن سان هوندي
تو جيترو معيار رکندا هوندا

هاڻ اِن چنتا کان آجو ٿيءُ
آئون تنهنجي ويجهو وهان
اهڙي چوک ڪونه ڪندس
خود کي توسان جوڙيان
اهڙي غلطي هن کان اڳ به ڪٿي ڪئي اٿم
توسان سونهندا تنهنجا عظيم مفڪر دوست
ديرينائي، شائستگيءَ جا مجسما
جن سان هٿ هٿ ۾ ڏيئي اڳيان وڌيو آن
ادب جي شاهراه تي مان نه هئس
تڏهن به تون هئين
آهيان، تڏهن به تون آهين
نه هوندس، تڏهن به تون هوندين
مون کي وساري ڇڏ......

اسان جي نيڪيءَ تي شڪ نہ آڻجو پيلي
اسين ڏاڍا نيڪ اِنسان آهيون
حسد بغض وير وروڌ کان
اڻ ڳڻت ميلن جي مفاصلي تي
اسان جي پنهنجي جدا هڪ بستي آهي

اسان کي خبر آهي
توهان جي تازه ترين شڪايت ڪهڙي آهي
پيلي هي جيڪي اسان جا ڏيئا آهن
اِنهن ڏيئن ۾ جيڪا روشني آهي
اِن روشنيءَ جي جيڪا عظمت آهي
اِن عظمت کي جتائڻ لاءِ
اسان لاءِ لازمي بڻجي پيو هئو
تہ نقلي سڏيون، مصنوعي سڏيون
اُن روشنيءَ کي
جيڪا ڪنهن ٻيءَ بستيءَ مان اچي رهي آهي

اسان جي نيڪيءَ تي شڪ نہ آڻجو پيلي

جيستائين سقافت جي سطح تي
اجا اُيري ڪونہ آيا هئا
تو جهڙا ويچارڪ
۽ اسان وٽ ڌارين کي ڏيکارڻ جهڙو

ڪجهہ بہ تہ ڪونہ رهيو آهي
جڏهن ڪان مون اُيرڻ چاهيو آهي
هر طرف ڏوُم ٻڌڻ ۾ تي اچي
اُنهن جي رچيل ساهتيہ جي
جيڪي فقط پَرَ ۾ بہ وهارين ها
تہ چا مان چا تي پو ان ها
تنهنجي شيداين
ٻجا طور ڪي نغارا ايجاد ڪري ورتا آهن
ڪن جا پردا ڦاٽڻ لڳا آهن
ٻڌڻ جي شڪتي گهٽجندي تي وجي
ڏسڻ جي تہ اڳي ئي گهٽيل هئي
(هڪ نليني جيان زندگي گذاريندڙ مان شد مد سان شايع
تيندڙ ساهتڪ پرچن ۾ ساهتيہ کي ڳوليندو رهيو آهيان)
تو پارن جي شاعريءَ جوُن املهہ امر مصرعون
ڪوي گوشتين ۾ گوُنجنديون رهيون
۽ مون پنهنجي تڪبنديءَ کي
شاعريءَ جو جامو پهرائڻ جي ڪوشش ۾
پاڻ کي کلڻ هاب بڻائي ڇڏيو آهي.

نوٽ:- هن ڪتاب ۾ ڏني ڪوتائون هڪ ساڳيءَ ...... بيحد طويل ڪوتا جا انش آهن. اِن کي مڪمل طور ڇاپڻ ۾ آڻڻ لاءِ هڪ جدا ڪتاب ڇپرائڻ درڪار آهي. ”صدف“

ٻُڌ دل ماڻهوءَ جا آدرش بہ ٻُڌدل هئا
منهنجا آدرش

منهنجي آتما ۾ پناه ڪيئن وٺندا

هي اُهي ديش ڀڳت هئا
جن جا سپ پار اِنگلنڊ ۾ وڃي وسيا
۽ پيءُ کي

ڀارت جي ڳوٺ ۾ پوڄيو ويو

هي اُهي نيڪيءَ جا پُتلا هئا
جن پنهنجن ڀائرن کي
گهر مان هڪالي ڪڍيو
۽ پوءِ روز مندر جو پرساد ورهائي
پنهنجن پُٽن کي

سنسڪرتي ۽ سنسڪار ڏيندا رهيا

۽ مُنهنجي آتما
مُنهنجن آدرشن کي اجهو ڪيئن ڏيندي
هيءَ اُها آبروُدار عورت هئي
جيڪا اُماس جي راتين ۾
اجگر جو ويسُ ڌاري
لڙ ڪڙائيندڙ نوجوانن کي
ڀُڙڪائي ويندي آهي

سوڙهي ماڻهوءَ جي آتما بہ سوڙهي هئي

اسين ڏاڍا نيڪ اِنسان آهيون
ڏينهن جي روشنيءَ ۾
اسان کان ڪڏهن بہ ڪو سوال نہ ڪجو
اسان جا لفظ پُري پوندا آهن
۽ اسين جوابن کي جوڙي نہ سگھندا آهيون
اسان جي نيڪيءَ تي شڪ نہ آڻجو پيلي
اسين ڏاڍا نيڪ اِنسان آهيون
اِها ٻي ڳالھہ آهي
تہ رات جي اونده ۾
اسان جي نيڪي
اسان کي پوُنڊا ڏيندي آهي
۽ اسين شرارتي چوڪرن جيان
فقط مسڪرائيندا آهيون

توهين اسان تي شڪ آڻيو تہ پلي آڻيو
پَرَ اسان جي نيڪيءَ تي شڪ نہ آڻجو پيلي
اسين ڏاڍا نيڪ اِنسان آهيون.

هيءُ جو تو
ورَ ورَ پيي چيو آهي
''ڏسُ ڏسُ
سيءِ اڳتي وڌي ويا اٿيئي
ڏِسُ ڏِسُ
سيءِ اڳتي وڌي ويا اٿيئي
ڏِسُ ڏِسُ
تون پٺيان رهجي ويو آن''

هِڪَ تہ توکي
اڳيان وڌي وڃڻ کان ڪڏهن روڪيو ناهي مونَ
ٻيو تہ همعصر جي ناتي
توکي هيلتائين
اِهو پروڙي وڃڻ کپندو هئو
تہ هيءُ سڀ جيڏي وڌي رهيا هئا
اُها منهنجي منزل ڪانہ هئي

منهنجي منزل
تہ منهنجو اِرادو هئو
مان پنهنجي اِرادي کي پڳو آهيان
پنهنجي منزل کي رسيو آهيان.

47

اسان جي جسمن جي دوُريءَ
خبر اٿيئي ڪٿي پهچائي ڇڏيو آ توکي

پهرين تون ڳُل هئين
محدوُد ايراضيءَ ۾ سڳنڌ ٿي ڦهلايئه

پوءِ تون ٻڙ جو وڻ ٻڻجي پيئينءَ
تنهنجي ڇانوَ جي آغوش ۾
چند سو اس ڪاڇڻ لڳا

هاڻي توُن چنڊُ آهين
تُنهنجو جسمُ پلي ڪنهنجو به هُجي
تُنهنجو عڪسُ
هر نديءَ هر ڍنڍ ۾ آهي.....

شريكانت 'صدف' جا اڳ ڇپيل ڪتاب

۱. نفرت جا گُلَ - (غزل)

۲. نانگن جا پِرَ - (غزل)

۳. ذهن جا قبيلا - (غزل ۽ آزاد ڪوتائون)

- چڱي تعداد ۾ تنقيدون ۽ ڪهاڻيون ڪنيون ٿيل -

Vicha Varan khe Lath Banai

New - Poems / Blank Verse

مون ٻاويھ سال لڳاتار ڪونہ لکيو آهي. ها، مون کي لکندي ٻاويھ سال ٿيا آهن. وچ وچ ۾ پنجن سالن جو وقفو بہ پيرا پئجي ويو آهي. هيءُ جو ٻيھر موٽيو آهيان اُن لاءِ جوابدار پھرئين پيري منھنجو ضدي شاعر هئو. ٻئين پيري ڪي پر اُپڪاري نيڪ اِنسان ۽ گھٽگھرا.

مون کي ڪن چيو آهي - ۽ شايد اِها ڏارڻا بہ ٻڌجي چُڪي آهي تہ مان غزل ۾ At Home هجان ٿو پر پوءِ مان ڪوتا ۾ Home less ڪيئن ۽ ڇو آهيان اِن جو ثبوت بہ اجان سوڌو مليو تہ ناهي. At Home هئڻ جو واسطو جيڪڏهن comfortable هئڻ سان آهي تہ comfort تہ گھر کان ٻاهر بہ بعضي ملي ويو آهي.

1982 ۾ غزل گوئي جي شروعات کان فورا پوءِ مون 1984 ۾ ئي پھرين آزاد ڪوتا لکي هئي. جيڪڏهن مان غلط ناهيان تہ اِن کان پھرين يا تہ ’نئين ڪوتا‘ هئي يا تہ وري ’آزاد نظم‘ هئو. آزاد ڪوتا عنوان سان منھنجو مقصد اِهو رهيو تہ ٽيڪنڪ جا ٻنڌڻ otherwise Talented ماڻھن لاءِ ڇو هجن ۽ نواڻ يا جدت جو Label لڳائي هرڪو ڇيڳڙو ڪويتا تي نازل ڇو ٿئي ؟

منھنجوُن آزاد ڪويتائوُن منھنجن غزلن جو وستار آهن، ائين تہ آهي ڪونہ. ها مان شايد اِهو چئي سگھان ٿو تہ منھنجا غزل منھنجين آزاد ڪويتائن جو اِختصار آهن.